10 سيپٽمبر 2026ع (بمطابق: 27 ربيع الاول 1448ھ)
تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعات ۾ ٿيڻ وارو بيان

# أنهن جو آ، چهرو نُورَ جو

﴿اَعضاءِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي حُسن ۽ جمال جي باري ۾ خوبصورت بيان﴾

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ…

- … حَجرِ اَسوَد چُميون ورتيون
- … چهرو چڻ قرآن جو ورق
- … قرآن سان تشبيهه جو ڏنائون ؟
- … ڏاڙهي ڪُوڙائڻ جا نقصان

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

حضرت محمد بن سعيد رحمۃُ اللہِ علیہ فرمائن ٿا: مون درود پاڪ پڙهڻ جو هڪ تعداد مقرر ڪري ڇڏيو هو ۽ روزانو انهيءَ تعداد ۾ درود شريف پڙهي سمهندو هئس. اَلحمدُلِلّٰه! درود پاڪ جي برڪت سان هڪ ڏينهن مون تي ڪرم ٿي ويو، مان سُمهيو پيو هئس تہ منهنجي قسمت جاڳي پئي، مون ڏٺو تہ منهنجا پيارا آقا، حبيبِ خدا صلَّی اللّٰہُ علیہِ وَآلِہٖ وَسلَّم اسان جي گهر منهنجي ڪمري ۾ تشريف ڪٺي آيا آهن ۽ الله اڪبر نُورِ خدا جي چمڪ دَمڪ سان سڄو ڪمرو روشن ٿي ويو آهي.

بھرِ دیدار جھک آئے ہیں زمیں پر تارے | واہ اے جلوۂ دِلدار! چمکنا تیرا(1)

واه! خوش نصيبي ...!! منهنجا ڪريم آقا، منهنجا رحيم آقا، معراج جا گهوٽ، غريبن جا والي، سيني نبين جا سردار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪرم جون برساتون وسائيندا، مون غلام جي ويجهو آيا ۽ محبت ڀريي لهجي ۾

1...ذوقِ نعت، صفحہ:26۔

فرمايائون: اي منهنجا پيارا امتي! جنهن وات سان تون مون تي درود پڙهندو آهين، اوري آءُ ته مان اُن وات کي چُمي ڏيان .....!!

قربان مَیں اُن کی بخشش کے، مقصد بھی زباں پر آیا نہیں
بِن مانگے دیا اور اتنا دیا، دامن میں ہمارے سمایا نہیں
اُن کا تو شعار کریمی ہے، مائل بہ کرم ہی رہتے ہیں
جب یاد کیا اے صَلِّ عَلٰی، وہ آہی گئے تڑپایا نہیں

حضرت محمد بن سعيد رحمۃُاللہِعلیہ فرمائن ٿا: جانِ ڪائنات، فخرِ موجودات صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ذيشان ٻڌي مون کي حيا آيو ته ڪٿي منهنجو وات ۽ ڪٿي حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جا پيارا پيارا، سهڻا سهڻا مبارڪ چَپ ...!! اهو سوچي مون حياءَ سبب پنهنجو چهرو جهڪائي ڇڏيو، هاڻي سراپا حسن و جمال، بيبي آمنه جي لال صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم پاڻ منهنجي ڳل تي چمي ڏني .....!!

ارمان زَدوں کی ہیں تمنائیں بھی پیاری | ارمان نکالا تو کس ارماں سے نکالا(1)

حضرت محمد بن سعيد رحمۃُاللہِعلیہ وڌيڪ فرمائن ٿا: سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم مون کي هِن عنايت سان اجان نوازيو ئي هو ته منهنجي اک کلي وئي، منهنجي گهَرواري (***Wife***) جيڪا ويجهو ئي سُتل هئي، اها به جاڳي پئي، اسان جو گهر پاڪيزه نبي، مڪي مدني، رسولِ عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي خوشبو سان مهڪي رهيو هو ۽ منهنجو ڳل ته 8 ڏينهن تائين مَهڪندو رهيو.(2)

---

1...ذوقِ نعت، صفحہ:60۔
2...القول البدیع، صفحہ:140-141۔

وہ جس رَہ سے گزرتے ہیں، بسی رہتی ہے مُدّت تک
نصیب اُس گھر کے جس گھر میں ٹھہریں میہماں ہو کر [1]

اي عاشقانِ رسول! ڏٺو توهان تہ درود پاڪ جي برڪت سان حضرت محمد بن سعيد تي ڪيڏو ڪرم ٿي ويو....! الله پاڪ اسان کي بہ ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صلَّى اللهُ عليهِ وَ آلِهٖ وَسلَّم.

بیٹھتے اُٹھتے، جاگتے سوتے
ہو اِلٰہی مرا شعار درود [2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. [3]

اي عاشقانِ رسول! سٺين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ! ◈ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ باأدَب ويهندس ◈ خوب توجه سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1...ذوق نعت، صفحہ:130۔
2... ذوقِ نعت، صفحہ:124۔
3...بخاری، كِتَاب بَدءِ الْوَحي، صفحہ:65، حديث:1۔

# حجرِ اَسوَد چُميون ورتيون

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت حليمه سعديه رَضِيَ اللّٰهُ عَنها، جن کي پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت جي سعادت حاصل ٿي، روايت ۾ آهي ته جڏهن پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْها محبوبِ ذيشان، مکي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي کڻڻ جي لاءِ آيون هيون ته ان وقت پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْها نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي هنج ۾ کڻي ڪعبي شريف وٽِ آيون

اللہ اکبر...!!اُهو ڪيڏو نه حسين منظر هوندو...!! ڪعبو، جن جي بارگاهه ۾ سلاميءَ لاءِ جهڪندو آهي، اڄ اُهي ئي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪعبي شريف جي سامهون هئا. ان وقت ڪعبي شريف جي چوڌاري سوين مجسما رکيل هئا، جن جي ماٿهو پُوڄا ڪندا هئا. روايت ۾ آهي ته جيئن ئي سيده حليمه سعديه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْها ڪعبي شريف جي ويجهو پهتيون ته محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو پُرنور چهرو ڏسڻ سان ئي سمورا مجسما هڪ هڪ ٿي مُنهَن پَر ڪِرَڻ لڳا.

| | |
|---|---|
| چاند سا چمکاتے چہرہ نُور برساتے ہوئے | آ گئے بدرُ الدُّجیٰ، اَہلاً وَّ سَہلاً مرحبا |
| جُھک گیا کعبہ سبھی بُت مُنہ کے بل اَوندھے گرے | دبدبہ آمد کا تھا، اَہلاً وَّ سَہلاً مرحبا(1) |

**روايت ۾ وڌيڪ آهي** ته سيده حليمه سعديه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْها جيئن ئي حجرِ اسود کي چمڻ لاءِ ان جي ويجهو ويون، محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سندن هنج ۾ ئي هئا حجر جي لاءِ به ڄڻ عيد ٿي وئي ته محبوبِ ذيشان، مکي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پاڻ تشريف کڻي آيا آهن، تنهنکري

---

1...وسائلِ بخشش، صفحه:146-147 ملتقطاً.

فَخَرَجَ الْحَجَرُ الْاَسْوَدُ مِنْ مَّكَانِهٖ حَتّٰى الْتَصَقَ بِوَجْهِهِ الْكَرِيْمِ

**ترجمو:** حجرِ اسود (خوشيءَ جي سرور ۽ محبت جي شوق ۾) پنهنجي جاءِ تان نڪري آيو ايتري تائين جو پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي پُرنور چهري سان چنبڙي ويو ۽ (سندن چميون وٺڻ لڳو).(1)

## چا ته صورت پنهنجي پياري جي سينگاريائين واهه واهه

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو چا ته نرالو شان آهي! اهڙو حُسن به ڀلا ڪنهن ڏٺو هوندو؟ الله اڪبر! هِي اُهو پُرنُور چهرو آهي، جو حجرِ اسود جهڙو جنتي پٿر به جنهن جون چميون وٺندو آهي. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا:

خامۂ قدرت کا حُسنِ دستکاری واہ! واہ...!!

کیا ہی تصویر اپنے پیارے کی سنواری واہ! واہ...!!(2)

**وضاحت:** خامهءِ قدرت: يعني **قدرت جو قلم**، دستڪاري: يعني **تصوير ٺاهڻ، مصوري ڪرڻ**. اعليٰ حضرت فرمائن ٿا: قدرت جي قلم جو حُسنِ دستڪاري به ڪيڏو نه ڪمال جو آهي! ان قلم پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي تصوير ڪهڙي نه بي مثل ۽ بي مثال ٺاهي آهي.

---

1...تفسير مظهری، پاره:18، سورۂ نور، زير آيت:35، جلد:5، صفحه:205۔
2...حدائقِ بخشش، صفحه:134۔

# آئينو ۽ ديوانو نڪتو

پيارا اسلامي ڀائرو! مان اوهان کي هڪ لطف واري ڳالهه ٻڌايان: آئينو جيڪو هوندو آهي، جنهن ۾ اسان پنهنجو مُنهُن ڏسندا آهيون، شاعرن جي نظر ۾ آئينو بي وفا شمار ڪيو ويندو آهي. ڪنهن چيو هو:

آئِينَه نِيسْتْ دِلْ کہ دَهَدْ جَا بَه هَرْ کَسے
اِيْں پَارَهٔ عَقِيْق بَنَامِ تُو کَنْدَه شُدْ

**وضاحت:** يعني منهنجي دل آئينو نہ آهي، جو هر ڪنهن کي پنهنجي اندر جاءِ ڏيندي رهي. پر منهنجي دل عقيق پٿر جيان آهي، اي محبوب! ان ۾ تنهنجو نالو نقش ٿي چڪو آهي، هاڻي هِن دل ۾ ڪنهن ٻئي جي لاءِ جاءِ نہ آهي.

تہ آئينو جيڪو آهي، ان کي بي وفا چيو ويندو آهي. جيڪو ان جي سامهون اچي ويندو آهي، هُو ان جو عڪس پنهنجي اندر ۾ لاهي وٺندو آهي. هڪ منٽ جي بہ دير نہ ڪندو آهي. مان آئيني جي سامهون بيهان تہ هُو پنهنجي اندر منهنجو عڪس لاهي ڇڏيندو، مان اجان هَٽندس ئي مَسَ تہ ٻيو اچي ويندو، تہ آئيني جي اندر مان منهنجو عڪس ختم ٿي ويندو ۽ ان ٻئي جو عڪس منهنجي جاءِ تي اچي ويندو، اِها بي وفائي آهي. پر قربان وڃان! هي آئينو ۽ رُخِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو ديوانو آهي. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جڏهن دنيا کان ظاهري طور پردو فرمايو، تہ صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جي مٿان تہ ڄڻ قيامت برپا ٿي وئي هئي. جن کي چهرهءِ مصطفيٰ ڏسڻ کان سواءِ هڪ پل بہ چين نہ ايندو هو، هاڻي انهن کي اُها نعمت ميسر نہ هئي. روايت ۾ آهي: جڏهن بہ ديدارِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪرڻ لاءِ دل تمام گهڻي بي چين ٿي ويندي هئي تہ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم مسلمانن جي پياري اَمّي جان

حضرت ميمونہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھا جي خدمت ۾ حاضر ٿي ويندا هئا. انهن وٽِ پياري محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو پاڪ آئينو هو. حضرت ميمونہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھا يادِ مصطفيٰ ۾ تڙپڻ وارن اصحابن کي اُهو آئينو ڏئي ڇڏينديون هيون. جڏهن اصحابي ان آئيني ۾ ڏسندا هئا تہ ان ۾ ڪين پنهنجي صورت نظر اچڻ بدران، پياري آقا ۽ مولا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو پُرنور چهرو نظر ايندو هو. (1)

مدتیں گزریں ملاقات ہوئی تھی تم سے | پھر کوئی اور نہ آیا نظر آئینے میں

سُبۡحٰنَ الله! يعني اِهو آئينو بہ رُخ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو ديوانو هو. جڏهن ان رخ مصطفيٰ کي پنهنجي اندر ۾ لاهي ورتو تہ ان کان پوءِ ان ئي پاڪ عڪس کي پنهنجي اندر محفوظ ڪري ڇڏيائين، هاڻي ڪنهن ٻئي عڪس کي پنهنجي اندر لهڻ ئي نہ پيو ڏِئي.

## چَهرهءِ مصطفيٰ جو قَسَم

پارو: 30، سورة والضُّحیٰ، آيت: 1 کان 3 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَالضُّحٰى ﴿۱﴾

وَالَّيۡلِ اِذَا سَجٰى ﴿۲﴾

مَا وَدَّعَكَ رَبُّكَ وَمَا قَلٰى ﴿۳﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: چڙهندڙ ڏينهن جي وقت جو قسم ۽ رات جو جڏهن اها ڍڪي ڇڏي، تنهنجي رب نہ توکي ڇڏيو ۽ نہ ناپسند ڪيو. (پارو: 30، سورة ضُحیٰ: 1-3)

1...روح المعانی، پارہ:22، سورۂ احزاب، زیرِ آیت:40، جلد:11، صفحہ:297۔

عُلماءِ ڪرام فرمائن ٿا: هن مقام تي ضُحیٰ (يعني چاشت جي وقت) مان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو پيارو پيارو، روشن روشن، چمڪندڙ چهرو مبارڪ مراد آهي ۽ لَيۡل مان پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي پيارين پيارين ڪارين ڪارين زلفن ڏانهن اشارو آهي.(1) مطلب هي ٿيندو ته اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! اسان کي اوهان جي پُرنور چهري جو قسم! اوهان جي پيارين پيارين زلفن جو قسم! اوهان جي رب نه اوهان کي ڇڏيو آهي ۽ نه ئي اوهان کان ناراض ٿيو آهي.

ہے کلامِ اِلٰہی میں شَمۡس و ضُحیٰ تیرے چہرۂ نُور فزا کی قسم!
قسم شبِ تار میں راز یہ تھا کہ حبیب کی زُلفِ دوتا کی قسم!(2)

**وضاحت:** اي منهنجا نور وارا آقا! قرآن مجيد ۾ وَالشَّمۡس ۽ وَالضُّحٰی فرمائي الله پاڪ اوهان جي چهرهءِ اَنور جو قسم ياد فرمايو آهي، ۽ وَالَّيۡلِ اِذَا سَجٰی فرمائي اوهان جي خمدار پيارين پيارين زلفن جو قسم ياد فرمايو آهي.

هڪ ٻي جاءِ تي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه لکن ٿا:

جیسے قرآں ہے وِرد اس گلِ محبوبی کا
یُوں ہی قرآں کا وظیفہ ہے وقارِ عارِض(3)

**وضاحت:** هن شعر جي وضاحت ڏاڍي خوبصورت آهي، ٿورو تصور ڪريو! مسجدِ نبوي شريف آهي، اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم

1...تفسير ڪبير، پاره:30، سورة الضحیٰ، زير آيت:1، جلد:11، صفحه:191.
2...حدائق بخشش، صفحه:80.
3...حدائق بخشش، صفحه:71.

تشريف فرما آهن، مُصحف مبارڪ يعني قرآن ڪريم سامهون آهي، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم تلاوت فرمائي رهيا آهن. پاڻ پڙهي رهيا آهن:

وَالضُّحٰى (۱) وَالَّيْلِ اِذَا سَجٰى (۲)

الله! الله! محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم قرآن جي تلاوت فرمائي رهيا آهن ۽ قرآن چا چئي رهيو آهي: اي محبوب! اوهان جي رُخِ روشن جو قسم! اوهان جي مبارڪ زلفن جو قسم!

هيءُ صرف هڪ تصور جي ڳالھ آهي، جيڪا اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائي رهيا آهن تہ جيئن اسان جا پيارا نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم صبح ۽ شام، ڏينهن ۽ رات قرآن جي تلاوت فرمائيندا آهن، تيئن ئي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ رخسارن جو ذڪر ڪرڻ قرآن جو وظيفو آهي.

## چَهرو جڻ قرآن جو وَرق

حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡه فرمائن ٿا: ان ڏينهن جڏهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم دنيا کان ظاهري پردو فرمايو، ان ڏينهن محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي حجري مبارڪ ۾ هئا. نماز جو وقت ٿي ويو، اسان اقامت پڙهي. پهريان خليفا حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡه مُصلّي تي پهتا، صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُم پويان صفون ٻَڌيون ۽ جماعت قائم ٿي وئي.

اسان اجان نماز پڙهي ئي رهيا هئاسين تہ ايتري ۾ پياري آقا، مڪي مدني

مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم حجري پاڪ جو پردو مٿي ڪنيو. هاڻي هتي صحابيءِ رسول جا لفظ پڙهو! فرمائن ٿا:

يَنْظُرُ اِلَيْنَا وَهُوَ قَائِمٌ، كَاَنَّ وَجْهَهٗ وَرَقَةُ مُصْحَفٍ

يعني پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم بيٺا هئا ۽ اسان ڏانهن ڏسي رهيا هئا، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جو پاڪ چهرو ڄڻ قرآن شريف جو ورق هو. (1)

جلوهٔ مُصحفِ رُخ دِل میں جو پنہاں ہو گا
پارے پارے میں مِرے قَلْب کے قرآں ہو گا (2)

مولانا نعيم الدين مراد آبادي رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ لکن ٿا:

جلوہ فرما ہیں جبینِ پاک میں آیاتِ حق
مصحفِ رُخ دیکھیے! تفسیرِ قرآں دیکھیے! (3)

صحابيءِ رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: اسان نماز ۾ هئاسين، پر پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي تشريف ڪٽي اچڻ جي خوشيءَ ۾ اسان جي چهرن تي تازگي ڦهلجي وئي. صحابهٔ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم تہ ديدارِ پاڪ جي لذت حاصل ڪرڻ لاءِ ايترا تہ بي چين ٿي ويا جو قريب هو تہ هُو نماز ئي ٽوڙي ڇڏين ها. حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ، جيڪي مُصلّي تي هئا، انهن سمجهيو تہ شايد پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم تشريف ڪٽي اچي رهيا آهن، تنهنڪري مُصلّي کان پوئتي هٽي ويا، پر پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم اشاري سان فرمايو: نماز مڪمل

1... بخاری، کتاب الاذان، باب اہل العلم والفضل...الخ، صفحہ:229، حدیث:680۔
2... سامانِ بخشش، صفحہ:75۔
3... ریاض نعیم، صفحہ:87۔

ڪريو...!! پوءِ حجري پاڪ جو پردو هيٺ ڪيائون ۽ اندر تشريف وٺي ويا. (1)

## اُنهن صحابہ جي خوش اطوار نگاهن کي سلام

پيارا اسلامي ڀائرو! هن روايت ۾ ڪجهه ڳالهين تي تورو غور فرمايو!

(١): اڄ جتي روضہءِ پُرنور آهي، اهو حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جو حجرو هو. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ظاهري زندگي مبارڪ جا آخري ڏينهن هتي ئي گذاريا. هن ئي حجري پاڪ جي دروازي تان پردو ڪٽي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي ديدار جو شرف بخشيو.

جيڪڏهن اوهان کي شرف حاصل ٿيو هجي تہ اوهان ڏٺو هوندو تہ مسجدِ نبوي شريف ۾ جتي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي مصلّي وچائڻ جي جاءِ آهي، ان جاءِ تي قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهجي تہ حجرهءِ عائشہ دل واري پاسي ڏانهن هوندو آهي، يعني صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم قبلي ڏانهن منهن ڪري نماز ۾ بيٺا هئا. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جڏهن مبارڪ پردو مٿي ڪنيو ۽ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي ديدار جو شرف بخشيو تہ ان وقت پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم انهن جي دل واري پاسي (*Side*) ڏانهن هئا. پر قربان وڃجي! صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم جو عشق بہ ڪمال ۽ بي مثال آهي. نماز جي حالت ۾ آهن، رخ قبلي ڏانهن آهي، پر جيئن ئي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پردو مٿي ڪنيو، فوراً ئي سندن اکيون پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي طرف ڦِري ويون ۽ ديدارِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي لذت ۾ مشغول ٿي ويون.

سر ہے کعبہ کی طرف، دِل ہے تمہاری جانب
ایسے سجدہ کو تو عُشّاق رَوا جانتے ہیں

1... بخاری، کتاب الاذان، باب اہل العلم والفضل...الخ، صفحہ:229-230، حدیث:680۔

# ايمان تون ئي !ايمان تون ئي!

پيارا اسلامي ڀائرو! هن روايت ۾ هڪ ٻي تمام خوبصورت ۽ ايمان افروز ڳالهه آهي. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪ حسن، خاص طور تي پُرنور چهري جو تعارف ڪرائيندي صحابهٔ ڪرام ڪيترائي لفظ استعمال ڪيا آهن. مثال طور: ◈ ڪنهن چيو آهي ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو رخ انوار چوڏهينءَ جي چنڊ جيان روشن هو.(1) ◈ ڪنهن چيو آهي ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو پُرنور چهرو ائين لڳندو هو ڄڻ چنڊ جو ٽڪرو هجي.(2) ◈ ڪنهن چيو آهي ته سندن پُرنور چهري کان وڌيڪ حَسِين ڪا ٻي شيءِ نه هئي، ائين لڳندو هو ڄڻ سندن رُخ انور ۾ سج ٻُرِي رهيو هجي.(3)، پر هن روايت ۾ صحابيءِ رسول چهرهٔ پُرنور جي حسن کي هڪ عجيب ئي انداز ۾ بيان ڪيو آهي، فرمائن ٿا:

كَاَنَّ وَجْهَهٗ وَرَقَةُ مُصْحَفٍ

ڄڻ سندن پاڪ چهرو قرآن شريف جو ورق هو.(4)

سُبْحٰنَ اللّٰه! هڪ فارسي شاعر لکيو آهي:

آيَاتِ قُرآں اَبْرُوِيَت، تَفْسِيرِقُرآن گِيسُوِيَت

اَے رُوئے تَوقُرآنِ مَا، اِيماں تُوئِي اِيماں تُوئِي

---

1...شمائلِ محمدیہ، باب ماجاء فی خلق رسول اللہ، صفحہ:13، حدیث:8۔

2...بخاری، کتاب التفسیر، باب وَعَلَی الثَّلٰثَةِ الَّذِیْنَ...الخ، صفحہ:1166، حدیث:4677۔

3...شمائلِ محمدیہ، باب ماجاء فی مشیۃ رسول اللہ، صفحہ:48، حدیث:121۔

4... بخاری، کتاب الاذان، باب اہل العلم والفضل...الخ، صفحہ:229، حدیث:680۔

**وضاحت:** توهان جيڪڏهن ڏٺو هجي ته قرآن ڪريم جون آيتون مختصر هونديون آهن، پر انهن جي تفسير ڏڪهي ۽ ڪيترن ئي صفحن تي مشتمل هوندي آهي. مولانا جامي رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡهِ فرمائي رهيا آهن: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جون مبارڪ پِرُون ائين آهن جڻ قرآن جون آيتون آهن ۽ مقدس زلفون، جيڪي ڏکيون آهن، اُهي جڻ ته قرآني آيتن جي تفسير آهن. اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جو پُرنور چهرو منهنجي لاءِ ائين آهي، جڻ ته قرآن ڪريم هجي. اوهان ئي ايمان، بلڪ ايمان جي جانِ آهيو.

## قرآن سان تشبيهه ڇو ڏنائون؟

صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُمۡ چهرهءِ مصطفيٰ کي قرآن جي ورق سان تشبيهه ڇو ڏني؟ عالمن سڳورن ان جا ڪجهه سبب لکيا آهن. انهن مان هڪ سبب بيان ڪندي فرمائن ٿا: قرآن ڪريم جي ورقن ۾ ظاهري حسن بہ آهي ۽ معنوي حسن بہ آهي.

اوهان ڪڏهن تجربو ڪري ڏسو! وضو ڪريو! قرآن ڪريم کڻو! ان کي سامهون کولي ويهي رهو! ۽ فقط قرآن ڪريم جي لفظن ۽ حرفن جي زيارت ئي ڪندا رهو. ان جي ديدار سان اوهان کي هڪ خاص قسم جو سڪون، اطمينان، تازگي ۽ لذت نصيب ٿيندي. اِهو قرآن ڪريم جو ظاهري حسن آهي. اهڙي طرح قرآن ڪريم جي ديدار سان ۽ ان جي تلاوت ڪرڻ سان دلين جا زنگ لهندا آهن، دلين ۾ هدايت پيدا ٿيندي آهي، دل جي تيڙهائپ ختم ٿيندي آهي ۽ باطن جي اصلاح ٿيندي آهي. هي قرآن ڪريم جو معنوي حسن آهي. علماءِ ڪرام فرمائن ٿا ته جهڙي طرح قرآن ڪريم ۾ ظاهري حسن بہ آهي ۽ معنوي حسن بہ آهي، اهڙي طرح پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي پُرنور چهري ۾

ظاهري حسن بہ آهي، جو هن بابرڪت چهري کي ڏسي سڪون ملندو آهي، غم وسري ويندا آهن ۽ دل کي راحت ملي ويندي آهي ۽ هن پاڪ چهري ۾ معنوي حسن بہ آهي،[1] جو ان کي ڏسڻ سان دلين جا زنگ لهي ويندا آهن ۽ هدايتن جو معراج نصيب ٿيندو آهي.

## پُر نُور پيشاني مبارڪ

پياري آقا، نور واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ چهرو تمام گهڻو پيارو ۽ خوبصورت هو ◈ سندن مبارڪ پيشاني ڪشادي، چمڪندڙ ۽ روشن هئي.[2] روايت ۾ آهي تہ: جڏهن پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا مبارڪ وار سندن پاڪ چهري تي اچي ويندا هئا ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پيشاني مبارڪ تان وار هٽائيندا هئا تہ ائين لڳندو هو ڄڻ سج ايري ويو آهي. جڏهن پري کان تشريف ڪٽي اچي رهيا هوندا هئا تہ نوراني پيشانيءَ مان نور جا ڪرڻا ڦٽي رهيا هوندا هئا. انهن نوراني شعاعن کي ڏسي ماڻهو پري کان ئي پڪاري چوندا هئا:

هُوَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم

هُو ڏسو! محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تشريف ڪٽي اچي رهيا آهن.[3]

يقيناً جس کے آگے چودھویں کا چاند شرمائے
تمہارا ہے وہ چہرہ نِکھرا نِکھرا یارسولَ اللہ![4]

---

1... شرح شمائل محمديہ للباجوری، باب ماجاء فی وفاۃ...الخ، صفحہ:647 ، زیرِ حدیث:385۔
2... سبل الہدی ، جماع ابواب صفۃ...الخ، الباب الرابع...الخ، جلد:2، صفحہ:21۔
3... سبل الہدی ، جماع ابواب صفۃ...الخ، الباب الرابع...الخ، جلد:2، صفحہ:21۔
4... وسائلِ بخشش، صفحہ:345۔

# ڪَنَ مبارڪ

◈ اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا مبارڪ ڪَنَ نهايت حسين، خوبصورت ۽ ڪامل هئا ◈ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا ڪَنَ مبارڪ نهايت پُورا هئا ◈ ۽ مبارڪ زلفون انتهائي ڪاريون هيون ◈ جڏهن مبارڪ زلفون سندن مبارڪ ڪَنَن ڪي پنهنجي ڪَمَندن جي گهيري ۾ وٺنديون هيون ته تمام پيارو منظر هوندو هو. مسلمانن جي پياري اَمّي جان حضرت عائشه صديقه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا هن خوبصورت منظر کي بيان ڪندي فرمائن ٿيون: **سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زلفن جي وچ ۾ سندن پُورا پُورا مبارڪ ڪن ائين لڳندا هئا، جڻ رات جي اونداهيءَ ۾ ٻه ستارا چمڪي رهيا هجن.** (1)

**مولانا عبدالغفور ”مفتون“ همايوني ڇا خوب فرمايو آهي**

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا،
زندان هزارين، مان نه رڳو.
ڪيئي گهايل تنهنجي گهُور سندا،
مخمور غفور سُرور سندا،
تنهنجي نور ظهور حضور سندا،
نگران هزارين، مان نه رڳو.

# پِرُون مبارڪ

◈ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جون مبارڪ پِرُون ڪمان وانگر خمدار، ڊگهيون

1...دلائل النبوة للبيهقي،حديث بند بن ابى ہالة فى صفة رسول الله ،جلد:1،صفحه:300۔

۽ سنهيون هيون ◈ ٻنهي مبارڪ ڀِرُن جي وچ ۾ هڪ رڳ هئي، جيڪا جلال جي وقت اُڀري پوندي هئي (1)

ڪڏهن ڪڏهن محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا مبارڪ وار پيشانيءَ تي ٻنهي ڀِرُن جي مٿان اچي ويندا هئا. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم انهن کي هٿائڻ کان سواءِ ئي انهن تي سجدو فرمائيندا هئا. حضرت جابر بن عبدالله رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا:

رَاَيْتُ رُسُوْلَ اللّٰهِ يَسْجُدُ عَلٰى قِصَاصِ شَعَرِهٖ

**ترجمو:** مون پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجن مبارڪ وارن تي سجدو ڪندي ڏٺو آهي. (2)

خمِ زُلفِ نبی سَاجِد ہے مِحراب دو اَبرو میں
کہ یارَبّ! تُوہی والی ہے سِیَہ کارانِ اُمّت کا(3)

**وضاحت:** پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ پيشانيءَ تي ڀِرن جي محراب جي وچ ۾ مبارڪ زلفون ائين جهڪيل معلوم ٿينديون آهن، ڄڻ سجدي ۾ هجن ۽ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪري رهيون هجن تہ: اي منهنجا رب! تون ئي هن امت جي گنهگارن، خطاڪارن ۽ سياهہ ڪارن جو والي ۽ مددگار آهين.

## اکيون مبارڪ

◈ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جون مبارڪ

1...شمائل محمديه ، باب ما جاء فی خلق رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ، صفحه:14، حديث:8۔
2...طبقات کبریٰ، جلد:1، صفحه:331۔
3...حدائقِ بخشش، صفحه:38۔

اکيون کشاديون ۽ نهايت ڪاريون هيون ◈ مبارڪ ڇَپر خوبصورت ۽ ڊگها هئا. (1) ◈ مبارڪ اکين جي اڇي حصي ۾ ڳاڙهيون رَڳون هيون. (2) ◈ ۽ پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جون مبارڪ اکيون قدرتي طور سُرمئي رنگ جون هيون، يعني پاڻ جيتوڻيڪ سُرمو نہ پائيندا هئا، پر سُرمو پائڻ جي ڪين حاجت نہ هئي. (3) ◈ حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُما فرمائن ٿا: پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو مبارڪ ننڊپڻ هو. ٻيا ٻار جڏهن ننڊ مان جاڳندا هئا تہ انهن جا وار وِکريل ۽ اکيون ننڊ ۾ ڀريل هونديون هيون، پر رسولِ خدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جڏهن ننڊ مان بيدار ٿيندا هئا تہ سندن مٿي مبارڪ تي تيل لڳل هوندو هو ۽ اکين ۾ سرمو پاتل هوندو هو. (4)

◈ اسان جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ عادت هئي تہ پاڻ حياءَ سبب نگاهون جهڪائي رکندا هئا ۽ جڏهن ڪنهن کي ڏسندا هئا تہ سندن عادت مبارڪ هئي تہ اکين جي ڪُنڊُن سان ڏسندا هئا. (5)

نيچی آنکھوں کی شَرم و حَيا پر دُرود | اُونچی بينی کی رِفعت پہ لاکھوں سلام (6)

## نَڪ شريف ۽ ڳَلَ مبارڪ

◈ نڪ مبارڪ اونچائيءَ ڏانهن مائل ۽ سنهو هو، وچ وارو حصو

---

1...شمائل محمديہ، باب ما جاء فی خلق رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ، صفحہ:12، حديث:7۔
2...دلائل النبوة للبيهقی ،باب صفة عين رسول الله ، جلد:1، صفحہ:210۔
3... دلائل النبوة للبيهقی ،باب صفة کفی رسول الله ، جلد:1، صفحہ:248۔
4 ...طبقات کبریٰ،ذکر ابی طالب و ضمہ رسول الله، جلد:1، صفحہ:96۔
5...دلائل النبوة للبيهقی ،حديث هند بن ابی هالة فی صفة رسول لله ، جلد:1، صفحہ:287۔
6...حدائق بخشش،صفحہ:301۔

ڪجهه اپريل هو، ان تي هر وقت نور چمڪندو رهندو هو.[1] ◈ سندن ڳل مبارڪ

پُورا [2] ۽ چمڪندڙ هئا.[3]

جن کے آگے چراغ قمر جھلملائے
اُن عذاروں کی طلعت پہ لاکھوں سلام [4]

**وضاحت:** اسان جي پياري نبي جي مبارڪ ڳلن جي اڳيان چنڊ ائين لڳندو هو ڄڻ جو ڏيئو ٽِمڪي رهيو هجي، انهن مبارڪ ڳلن جي چمڪ دمڪ تي لکين سلام هجن.

## چَپ مبارڪ ۽ ڏَند مبارڪ

◈ چپ مبارڪ سنها، نرم، نازڪ ۽ ڳاڙهاڻ مائل هئا.[5]

وہ گل ہیں لب ہائے نازک اُن کے ہزاروں جھڑتے ہیں پھول جن سے
گلاب گلشن میں دیکھے بلبل، یہ دیکھ گلشن گلاب میں ہے [6]

◈ ڏند مبارڪ نهايت اڇا ۽ چمڪندڙ هئا. انهن ۾ مناسب حد تائين وِٿي هئي. جڏهن پاڻ صلّی اللہ علیہ وآلہٖ وسلّم گفتگو فرمائيندا هئا تہ ڏندن مان نور ڇٽندو نظر

1...شمائل ترمذی، باب ما جاء فی خلق رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم ، صفحه:13، حدیث:8۔
2 ...سبل الہدیٰ ، جماع ابواب صفة ...الخ، الباب السابع...الخ، جلد:2، صفحه:29۔
3 ...العقد الفرید، اخبار المغنين، المسدود وزنين ودیس، جلد:7، صفحه:45۔
4...حدائقِ بخشش، صفحه:301۔
5 ...سبل الہدیٰ ، جماع ابواب صفة ...الخ، الباب الثامن...الخ، جلد:2، صفحه:33۔
6...حدائقِ بخشش، صفحه:181۔

ايندو هو.(1)

## ڏاڙهي شريف

◈ سندن ڏاڙهي مبارڪ گھاٽي هئي، ڏيگهه ۾ هميشه هڪ مُٺ جي برابر رهندي هئي ۽ ويڪر ۾ پاڪ سيني کي پري رکندي هئي.(2)

خط کی گردِ دَہن، وہ دِل آراء پھبن
سبزۂ نہرِ رحمت پہ لاکھوں سلام
رِیشِ خُوش مُعتَدِل، مَرہَمِ رِیشِ دِل
ہالۂ ماہِ نُدرت پہ لاکھوں سلام(3)

**وضاحت:** پياري آقا جي چهري جي چوڌاري ڏاڙهي مبارڪ جي خط جو حسن ائين آهي، جيئن رحمت جي نهر جي ڪناري تي ڦُٽَل واري ساوڪ، اهڙي حسن تي لکين سلام هجن. سندن موزون ڏاڙهي مبارڪ جيڪا زخمي دلين جي مَلم آهي، اِها ڏاڙهي مبارڪ ائين گولائيءَ ۾ آهي جڻ چوڏهينءَ جي چنڊ جو دائرو هجي، ان حسن تي لکين سلام هجن.

## انهن جو آ، چهرو نُورَ جو

مطلب ته سندن چهرو مبارڪ، ان جو هڪ هڪ عضوو ۽ هڪ هڪ حصو

1...شمائل محمديه ، باب ما جاء في خلق رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم، صفحه:17، حديث:15.
2 ...الثفا، القسم الاول، الباب الثاني في تكميل الله تعالى له المحاسن...الخ، جز:1، صفحه:54.
3...حدائقِ بخشش، صفحه:301.

نهايت خوبصورت هو◈ حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عنه فرمائن ٿا: مان رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صلَّی اللّٰہُ علیہ وَ آلِہٖ وَسلَّم کان وڌيڪ حَسِين ڪنهن ٻئي کي نہ ڏٺو. سندن چهرو مبارڪ ايترو تہ نوراني هو، ڄڻ اُن پُرنور چهري ۾ سج چمڪي رهيو هجي. (1)

اعليٰ حضرت رحمةُ اللّٰہِ علیه لکن ٿا:

ک گیسو، ہ دہن، ی اَبرو آنکھیں ع ص
کٰھٰیٰعٰصٓ اُن کا ہے چہرہ نُور کا(2)

## خدا انهن کي ڪيڏي نہ پيار سان ڏسي رهيو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلَّی اللّٰہُ علیہ وَ آلِہٖ وَسلَّم جي پُرنور چهري جو مختصر تذڪرو هو. توهان ڏسو! هي ڪيڏو نہ حسين ترين پاڪ چهرو آهي: ◈ وڻ ◈ پٿر ◈ انسان ◈ فرشتا ◈ جنات ۽ ٻيو ڇا چوان ◈ خود انهن جي خالق ۽ مالڪ، اللہ پاڪ کي بہ سندن پُرنور چهرو پسند آهي. قرآن ڪريم ۾ آهي:

وَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ فَاِنَّكَ بِاَعْيُنِنَا
(پارو: 27، سورة طور: 48)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اي محبوب! اوهان پنهنجي رب جي حڪم تي قائم رهو جو بيشڪ اوهان اسان جي نگاهن (حفاظت) ۾ آهيو.

1...ترمذی، ابواب المناقب...الخ، باب صفة النبی صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم، صفحه:833، حديث:3657ـ
2...حدائق بخشش، صفحه:249ـ

۾ آهيو.

يعني اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم! پنهنجي رب جي حڪم تي صبر فرمايو! بيشڪ اسان جي نظرِ رحمت، نظرِ عنايت ۽ نظرِ محبت هميشه ۽ هر وقت اوهان ڏانهن ئي متوجهه رهندي آهي.

## ڏاڙهي سجائي ڇڏيو

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته دنيا جو سڀ کان حسين ترين چهرو، مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جو چهرو آهي ۽ توهان جي توجهه ان طرف ڇڪايان ته اُن پُرنور چهري تي مڪمل هڪ مُٺِ ڏاڙهي جڳمڳائيندي رهندي هئي. محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن به ڏاڙهي هڪ مُٺ کان گهٽ نه ڪرائي.

ڪاش! اسان کي به توفيق ملي، اسان به سڀ کان حسين ترين آقا، محبوبِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي پيروي ڪريون ۽ پنهنجي چهري تي ڏاڙهي شريف جي سنت سجائي ڇڏيون. ڏسو! جيڪڏهن ڏاڙهي حُسن جي خلاف هجي ها ته مَعَاذَ الله! چهرهءِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم تي نه رکي وڃي ها. جڏهن ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي پُرنور چهري تي ڏاڙهي شريف جڳمڳائيندي هئي، هي دليل آهي ته مرد جو حسن ڏاڙهي رکڻ ۾ ئي آهي.

روايتن ۾ آهي ته: ڪجهه فرشتا اهڙا آهن جڏهن انهن کي پاڻ ۾ ڪنهن ڳالهه تي قسم کڻڻو هوندو آهي ته هن طرح قسم کڻندا آهن: ان الله پاڪ جو قسم، جنهن ابنِ آدم کي ڏاڙهيءَ سان زينت عطا فرمائي آهي.(1)

1...قوت القلوب، الفصل السادس و الثلاثون...الخ، جلد:2، صفحه:240۔

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو تہ ڏاڙهي شريف اسان جي زينت آهي. ڏاڙهي رکڻ ۾ حسن بہ آهي، ثواب بہ آهي ۽ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جي برڪت سان آخرت ۾ نجات بہ آهي.

## !!.... ڏاڙهيون وَڌايو

فرمانِ مصطفيٰ صلَّى اللهُ عليهِ وَ آلِهٖ وَسلَّم:

خَالِفُوا الْمُشْرِكِيْنَ وَاَوْفُوْا اللِّحٰى وَاحْفُوْا الشَّوَارِبَ

**ترجمو:** غير مسلمن جي مخالفت ڪريو...! ڏاڙهيون وڌايو....! ۽ مُڇون خوب ننڍيون رکو...! (1)

## ڏاڙهي رکڻ جون فضيلتون ۽ فائدا

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏاڙهي شريف سجائڻ جا فائدا ۽ ڪوڙائڻ جا نقصان ئي نقصان آهن، ان جا ڪهڙا ڪهڙا فائدا آهن؟ ٻڌو! ◈ ڏاڙهي رکڻ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي سنت آهي ◈ ڏاڙهي مرد جي زينت آهي ◈ ڏاڙهي رکڻ سان عزت ۽ وقار ۾ اضافو ٿيندو آهي ◈ ڏاڙهي رکڻ سان چمڙيءَ جي بيمارين کان حفاظت ٿيندي آهي ◈ ڏاڙهي ڳلي ۽ سيني کي نقصان پهچائڻ وارن جراثيمن کي روڪيندي آهي ◈ ڏاڙهي دَمَ ۽ ڦڦڙن جي بيماريءَ کان محفوظ رکندي آهي ◈ ڏاڙهي خناق (*Croup*) جي بيماريءَ کان بچائيندي آهي.

1...شرح السنہ ،کتاب اللباس ،باب قص الشارب ،جلد:7،صفحہ:79،حديث:3193۔

# ڏاڙهي ڪوڙائڻ جا نقصان

ڏاڙهي ڪوڙائڻ جا ڪهڙا نقصان آهن؟ ٻڌو! ◈ ڏاڙهي ڪوڙائڻ حرام ۽ جهنم ۾ وني وڃڻ وارو ڪم آهي ◈ چهري جي فطري خوبصورتي کي گهٽ ڪري ڇڏيندي آهي ◈ ڏاڙهي ڪوڙائڻ الله پاڪ جي تخليق کي بدلائڻ آهي ◈ ڏاڙهي ڪوڙاائڻ سان چمڙي، ڦڦڙن ۽ دمَ جي بيمارين جا خطرا وڌي ويندا آهن.

الله پاڪ اسان کي توفيق عطا فرمائي. ڪاش! اسان سڀ پنهنجي چهري تي سنتِ مصطفيٰ سجائڻ وارا بڻجي وڃون. آمين بجاهِ خاتمِ النّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم۔

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم :تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جو 12 حلقو

پيارا اسلامي ڀائرو! دل ۾ خوفِ خدا وڌائڻ ۽ قبر ۽ آخرت جي تياريءَ جو جذبو حاصل ڪرڻ لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ به خوب زور شور سان حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: **تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جو حلقو** به آهي.

❀قرآن مجيد سکڻ تمام فضيلت وارو ڪم آهي: ◈ حديثن ۾ هن طرح جو مضمون آيو آهي ته صبح اهڙي حالت ۾ ڪريو جو يا ته توهان عالم هجو يا

طالبِ علمِ دين هجو.[1] ◈ هڪ روايت مطابق صبح جي وقت قرآن مجيد جي هڪ آيت سکڻ 100 رڪعتون نفل پڙهڻ کان بهتر آهي.[2] الحمدلله! دعوتِ اسلامي وارا عاشقانِ رسول فجر کان پوءِ تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جو حلقو لڳائيندا آهن ◈ ان ۾ 3 قرآني آيتون ◈ انهن جو ترجمو ۽ تفسير ٻڌو ۽ ٻڌايو ويندو آهي ◈ فيضانِ سنت مان درس ٿيندو آهي ◈ شجرو شريف پڙهيو ويندو آهي ◈ دعا ٿيندي آهي ۽ ◈ آخر ۾ اشراق ۽ چاشت جا نفل بہ ادا ڪيا ويندا آهن. توهان بہ تفسير ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جي حلقي ۾ شرڪت ڪرڻ جي عادت بڻايو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻيون برڪتون حاصل ٿينديون ◈ حديث پاڪ جي مطابق جيڪو صبح جي وقت مسجد ۾ نيڪي سکڻ لاءِ ويندو آهي، ان کي عمري جو ثواب ملندو آهي.[3] ◈ صبح جو وقت نيڪين ۾ گذرندو تہ برڪت ملندي ◈ سڄو ڏينهن سٺو گذرندو ◈ صبح صبح دين جو علم سکڻ جو موقعو نصيب ٿيندو ◈ شجري شريف جي صورت ۾ نيڪ ٻانهن جو ذڪر ٿيندو ◈ انهن جي محبت دل ۾ پيدا ٿيندي ◈ اولياءِ ڪرام جي روحاني توجهہ ملندي ◈ ايمان تازو ٿيندو ◈ انهن جي وسيلي سان ڪيل دعائون اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! قبول ٿينديون ◈ هڪ وڏي برڪت هي آهي تہ نمازِ فجر کان نمازِ اشراق تائين مسجد ۾ رهڻ سنتِ مصطفيٰ آهي، ان تي عمل ڪرڻ جي سعادت ملي ويندي ◈ حديث پاڪ مطابق جيڪو نمازِ فجر کان پوءِ ذِڪرُ الله ۾ مشغول رهي، پوءِ اشراق ۽ چاشت جا نفل پڙهي، ان کي جهنم جي باهہ نہ ڇهندي.[4]

---

1... دارمی، المقدمۃ، باب فی ذھاب العلم، صفحہ:96، حدیث:254۔
2... ابن ماجہ، باب فضل من تعلم القرآن و علمہ، صفحہ:48، حدیث:219۔
3... مستدرک، کتاب العلم، باب من جاء المسجد...الخ، جلد:1، صفحہ:281، حدیث:317۔
4... شعب الایمان، باب فی الصیام، جلد:3، صفحہ:420، حدیث:3957۔

# ويزائون ملي ويون

هڪ اسلامي ڀاءُ تقريباً 14 سالن کان ٻاهرين ملڪ ۾ رهندو هو، جتي انهن جو پنهنجو ڪاروبار هو. هڪ ڀيري کين پنهنجي ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ وارن ماڻهن جي ضرورت پيئي. انهن ويزائن لاءِ بار بار درخواستون جمع ڪرايون، پر ڪافي ڪوشش باوجود کين ويزائون نہ ملي سگهيون. ڪيترائي سال ائين ئي گذري ويا. هو تمام گهڻو پريشان هئا، ڇاڪاڻ تہ ملازم نہ هئڻ سبب کين نقصان برداشت ڪرڻو پئجي رهيو هو. خير، هنن همت ڪري هڪ ڀيرو ٻيهر درخواست جمع ڪرائي. انهيءَ دوران هڪ اسلامي ڀاءُ کين شجرهءِ قادريہ عطاريہ مان شجرهءِ عاليہ جا دعائيہ اشعار پڙهڻ جو مشورو ڏنو. هنن شجري شريف مان دعائيہ اشعار بغير وقفي جي پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيا. الحمدلله! شجرهءِ قادريہ رضويہ ضيائيہ عطاريہ پڙهڻ جي برڪت سان سندن اُهو ڪم، جيڪو ڪيترن ئي سالن کان نہ ٿي رهيو هو، حيرت انگيز طور تي ڪجھ ئي ڏينهن ۾ ٿي ويو ۽ کين ويزائون ملي ويون.

مُشکلیں حل کر شہِ مُشکل کُشا کے واسطے | کر بلائیں رد شہیدِ کربلا کے واسطے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## موبائل ايپليڪيشن (Islamic Speeches) اسلامڪ اسپيچز

اي عاشقانِ رسول! الحمدلله! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي سمارٽ فون جي ذريعي بہ علمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. ان سلسلي ۾ دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ***I.T*** ڊپارٽمينٽ طرفان ڪيترين ئي

موبائل ايپليڪيشنس جاري ڪيون ويون آهن جن مان هڪ موبائل ايپليڪيشن **اسلامڪ اسپيچز** (*Islamic Speeches*) بہ آهي. جنهن جي ذريعي توهان دعوتِ اسلامي جا ◈ هفتيوار ◈ جمعي ◈ ۽ مختلف موقعن جا نوان ۽ پراڻا بيان آساني سان حاصل ڪري سگهو ٿا◈ هي بيان نہ صرف اردو پر انگريزي، سنڌي، پشتو، بنگالي ٻولين ۾ بہ موجود آهن ◈ توهان هنن بيانن کي نہ صرف پڙهي سگهو ٿا پر هن ايپلي ڪيشن ۾ مخصوص بيانن کي آڊيو ۾ ٻڌي بہ سگهو ٿا ◈ بيانن کي تلاش ڪرڻ جي سهولت بہ موجود آهي، جنهن جي مدد سان توهان پنهنجو گهربل بيان آسانيءَ سان تلاش ڪري سگهو ٿا ◈ توهان پنهنجن پسنديده بيانن کي فيورٽ (*Favourite*) ڪري محفوظ بہ ڪري سگهوٿا. اچ ئي هيءَ ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ ڊائونلوڊ ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

❀ هر چنچر تي امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن. اينڊز چنچر تي بہ مدني چينل تي عشاء جي نماز کان پوءِ تقريباً 9 بجي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين. ❀ شيخ طريقت، اميرِ اهلِ

سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العاليه هر هفتي هڪ **ديني رسالو** پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي **گهٽِ ڳالهائڻ جا فائدا** جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، اُهي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٻين سان به شيئر(***Share***) ڪريو ❀مڪتبةُ المدينہ قديم ۽ جديد ڪثير طهارت جي مسئلن تي مشتمل هڪ دلچسپ ڪتاب مسائلِ طهارت جو انسائيڪلوپيڊيا شايع ڪيو آهي. جنهن ۾ ◈ وضو، غسل، تيمم ۽ بلوغت جي متعلق شرعي مسئلا ◈ جورابن تي مسح ڪرڻ جا احڪام ◈ مختلف پاڻين ۽ کوهن جي بيان کان علاوه ڪيترن ئي مسئلن کي آسان انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. اوهان هي ڪتاب مڪتبةُ المدينہ جي ڪنهن به شاخ تان **1600 روپين** ۾ حاصل ڪريو.

❀ عاشقانِ رسول جي لاءِ عظيم علمي ۽ روحاني خوشخبري! هر سال جيان هن سال به مڪتبةُ المدينہ يومِ عقيدهءِ تحفظِ ختمِ نبوت ۽ يومِ دعوتِ اسلامي جي موقعي تي **1 سيپٽمبر کان 12 سيپٽمبر 2026ء تائين** سمورن ڪتابن ۽ رسالن تي **16٪** ميگا رعايتي سيل آفر پيش ڪري رهيو آهي. هن رعايتي سيل آفر مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ ويجهي مڪتبةُ المدينہ سان رابطو ڪريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي گذارڻ جا ڪجهه آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:

مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ

جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

# تلاوتِ قرآن سنت آهي

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم: (١): منهنجي امت جي افضل عبادت قرآن جي تلاوت آهي. (2)

اي عاشقانِ رسول! قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ سنت آهي. اسان جا پيارا آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪثرت سان قرآن ڪريم جي تلاوت فرمائيندا هئا ◈ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم رات جي نماز ۾ ڪڏهن ڪڏهن پوري سورة بقرة ۽ سورة آلِ عمران جي تلاوت فرمائيندا هئا. (3) ◈ روزانو رات جو سورة ڪافرون، سورة فلق ۽ سورة ناس جي تلاوت ڪري سمهندا هئا. (4)

الله پاڪ اسان کي بہ خوب تلاوتِ قرآن ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

الٰہی خوب دے شوقِ قرآں کی تلاوت کا | شَرَف دے گنبدِ خضرا کے سائے میں شہادت کا

---

1 ...مشكوٰة،كتابُ الْايمان،بابُ الْاعْتِصَام، جلد:1، صفحه:55، حديث:175-

2...شُعَبُ الْاِيْمان، بَاب:تعظيم قرآن، جلد:2، صفحه:347، حديث:2004 -

3...شمائل محمديہ، باب فی صوم رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، صفحه:121، حديث:320-

4...شمائل محمديہ، باب ما جاء فی نوم رسول الله صلى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، صفحه:102، حديث:264-

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب **بهار شريعت** جلد: **3** مان حصو **16** ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن پريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

مانگو آکر دُعا پاؤ گے مُدّعا | در کرم کے کھلیں، قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر، قافلے والوں پر | پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد